SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2013
# SINDH ACT NO.III OF 2013

## سنڌ (سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2012 جي منسوخي ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 جو ورجاءُ) ايڪٽ، 2013

## THE SINDH (REPEAL OF THE SINDH PEOPLES LOCAL GOVERNMENT ACT, 2012 AND REVIVAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 1979) ACT, 2013

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي آرڊيننس نمبر XII جو ورجاءُ
Revival of Ordinance No.XII of 1979

3. 2012 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XVI ۽ 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي منسوخي
Repeal of Sindh Act No.XVII of 2012 and Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

4. محفوظ ڪرڻ
Saving

5. رنڊڪ هٽائڻ
Removal of Difficulty

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 2013
# SINDH ACT NO.III OF 2013

## سنڌ (سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2012 جي منسوخي ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 جو ورجاءُ) ايڪٽ، 2013

## THE SINDH (REPEAL OF THE SINDH PEOPLES LOCAL GOVERNMENT ACT, 2012 AND REVIVAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 1979) ACT, 2013

[25 فيبروري 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2012 کي منسوخ ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979 کي ٻيهر لاڳو ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2012 کي منسوخ ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979 کي ٻيهر لاڳو ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ (سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2012 جي منسوخي ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 جو ورجاءُ) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

**1979 جي آرڊيننس نمبر XII جو ورجاءُ**
**Revival of Ordinance No.XII of 1979**

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 (1979 جي آرڊيننس نمبر XII) ۾ ان جي حقيقي حيثيت جيڪا 7 سيپٽمبر 2012 تي بيٺل هئي ان کي هڪدم ٻيهر لاڳو ڪيو ويو آهي ۽ ڄاتو ويندو ته، جيئن ان کي ڪڏهن منسوخ ئي نه ڪيو ويو هجي.

**2012 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XVI ۽ 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي منسوخي**
**Repeal of Sindh Act No.XVII of 2012 and Sindh Ordinance No.XXVII of 2001**

3. جيستائين ڪجھ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون، عدالت جي فيصلي يا حڪم جي متضاد نه هجي، هن ايڪٽ جي شروعات وقت:

(i) سنڌ پيپلز مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2012 (2012 جو ايڪٽ نمبر XVII) منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

(ii) سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 (2001 جو آرڊيننس نمبر XVII) پڻ منسوخ ڪيو ويندو.

**محفوظ ڪرڻ**
**Saving**

4. جيتوڻيڪ سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2012 (2012 جو ايڪٽ نمبر XVII) جي منسوخي سبب، سمورا ڪيل حڪم، (بشمول قاعدن، بائي لاز، ضابطن ۽ نوٽيفڪيشنز ۽ ٻين قانوني ڪارروائين) جي، ڪيل ڪارروايون، مقرريون، ڪنهن اٿارٽي يا ڪنهن شخص طرفان کنيل قدم، جيڪي ان سلسلي ۾ ڪيا ويا، کنيل يا ڪيل يا ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو، قدم کنيا يا ڪيا ويا، 7

سيپٽمبر 212 ۾ جنهن تاريخ تي هي ايڪٽ لاڳو ٿيو انهن ڏينهن دوران (ٻنهي ڏينهن سميت) اهي لاڳو رهندا، جيستائين تبديل ڪيا، منسوخ ڪيا يا وڏي وزير يا ڪنهن اٿارٽي يا عملدار، يا انهن طرفان بااختيار بڻايل طرفان ترميم نہ ڪيا وڃن.

رنڊڪ هٽائڻ
Removal of Difficulty

5.جيڪڏهن هن ايڪٽ جون گنجائشون اثرائتيون بڻائڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي، وڏو وزير سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، اهڙا قدم کڻي سگهي ٿو جيڪي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ ضروري هجن.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**